**طارق عزيز شيخ**
پي ايچ - ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي

# ممتاز مرزا جي شخصيت ۽ سنڌس خدمتون

# MUMTAZ MIRZA: HIS LIFE AND CONTRIBUTION

**Abstract**

This research work aims to highlight various aspects of the work & life of the Sindhi literature & culture legend, Mumtaz Mirza. In contemporary Sindhi literature Murntaz Mirza is a towering figure. From broadcasting to Sindhi short story, from managing cultural troupes to music he as notable figure who made strides in all genres of prose and added a unique flair to Sindhi literature. Mumtaz was a writer who neither wrote for embellishing literary genres nor he reflected his views to appease his inner self, he painted life, the issues and miseries that had been the hallmark of the modern art. As a fiction writer he voiced boldly the issues of life that have been portrayed with utmost care. As a playwright he upheld the high values without which the life becomes meaningless; and as music lover he had a passion to promote every single note facing neglect.

Mumtaz came from the Mirza family of Hyderabad which produced such giants as Mirza Sadiq Ali Beg. Mirza Ajntal Beg and Mirza Budhal Beg whose contributions occupy a historical place in Sindhi literature and poetry. His forefathers were assigned the important task of maintaining records of the government and engage in the promotion of literature by the Talpurs. His father, Mirza Gul Hassan Ahsan Karbalai was an eminent poet and prose writer of Sindhi before he died in 1960s.

سنڌي ادب، لوڪ ادب، ثقافت، تاريخ ۽ شاهہ لطيف جي حوالي سان خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيتن جو جڏهن بہ ذڪر ڪبو تہ ممتاز مرزا جو نالو انهن ۾ نمايان هوندو. سنڌي ادب جي هيءَ شخصيت گهڻ رخي ٿي اڀري ۽ هر رُخ ۾ سنڌس دلجوئيءَ سان محنت نظر ايندي. ممتاز مرزا جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتن توڙي خاندان جي حوالي سان هتي هڪ تحقيقي جائزو پيش ڪجي ٿو.

**ممتاز مرزا جو خاندان:**

ممتاز مرزا جو تعلق حيدرآباد جي قديم پاڙي ٽنڊي آغا جي مرزا خاندان سان آهي. حيدرآباد ۾ مرزائن جا ٻه پاڙا آهن: هڪڙا ٽنڊي ٺوڙهي جا مرزا، جيڪي شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي اولاد مان آهن ۽ ٻيا ٽنڊي آغا جا مرزا جيڪي ٽالپرن جي دور جي وزير ۽ شاعر مرزا ٻيدل بيگ جي اولاد مان آهن. ٻنهي مرزا خاندانن جو حسب نسب ٻنهه الڳ آهي. ٽنڊي ٺوڙهو جا مرزا "گرُجي مرزا" (1) سڏبا آهن، جڏهن ته ٽنڊي آغا وارا مرزا "خيرپوري مرزا" (2) سڏائين. ممتاز مرزا خيرپوري مرزا هو.

ممتاز مرزا جا وڏا ميرن جي دور ۾ سرڪاري سطح تي مجلسون پڙهندا هئا. ميرن سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اهل تشيع فرقي کي پذيرائي ڏني، پنهنجي درٻار ۾ محرم جي مهيني ۾ امامن سڳورن جي غم ۾ مجلسون ۽ مشاعرا ڪرايا. ميرن جو پهريون حاڪم مير فتح علي خان ٽالپر جنهن "سرزمين سنڌ تي حضرت امام حسين جي تعزيه داري ۽ عزاداري جو بنياد وڌو" (3) اهڙيءَ ريت خيرپور ۾ مير صاحبن پنهنجي درٻار ۾ عزاداريءَ جو سلسلو هلايو. خيرپور جو والي مير سهراب خان ٽالپر جيڪا مجلس ڪرائندو هو، اها مرزا مراد علي بيگ "سائل" پڙهندو هو. حيدرآباد توڙي خيرپور ۾ ميرن جي درٻار ۾ مرزا صاحب مجلسون پڙهندا هئا. "حيدرآباد جي مير حسن علي خان ٽالپر جي گهُر تي خيرپور رياست جي والي مير مراد علي خان (1894-1842) مرزا فتح علي بيگ کي حيدرآباد ڏياري موڪليو. اهڙيءَ طرح مرزائن جي خاندان حيدرآباد اچي پنهنجو بود و باش اختيار ڪيو." (4) هي اهوئي دؤر هو جڏهن سنڌي ادب جي رزميه شاعري جي سرواڻ ۽ مرثيه نگاريءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر سيد ثابت علي شاهه ۽ سُني فرقي سان واسطو رکندڙ شاعر سيد خيرشاهه جو پاڻ ۾ مناظرو هلندو هو.

مرزا خاندان ميرن جي سڄي دور ۾ مجلسون پڙهندو رهيو، مشاعرا ڪرائيندو رهيو ۽ ميرن سان ادبي محفلن ۾ معاونت ڪندو رهيو. مرزا فتح علي بيگ به تمام وڏو شاعر هو.

مرزا فتح علي بيگ کان پوءِ سندس فرزند مرزا قاسم علي قاسم به بهترين شاعر بڻيو. پاڻ عربي ۽ فارسي ٻولين تي مڪمل دسترس رکندو هو. عروضي شاعرن ۾ سندس نالو ذڪر لائق آهي. مرزا قاسم علي قاسم سنڌي سميت فارسي ۽ اردوءَ ۾ به ڪلام چيو آهي. "سندس ڪليات ۾ سلام، مرثيا، مناقب، قصيدا، غزل ۽ رباعيون موجود آهن." (4)

هن خاندان ٽالپرن جي دور ۾ هڪ باڪمال شاعر مرزا ٻيدل بيگ جي صورت ۾ به ڏنو، جنهن جي هم عصرن ۾ ميرحسن علي حسن، مير عبدالحسين سانگي، مرتضيٰ شاهه مرتضائي، غلام محمد شاهه گدا، مرزا دوست محمد دوست، مصري شاهه، فضل

محمد ماتم ۽ فاضل شاھ جهڙا بلند پايہ شاعر شامل هئا. مرزا ٻيل بيگ سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن بيت، غزل، ڪافيون، مرثيہ، سلام ۽ قصيده چيا آهن.

مرزا ٻيل بيگ واري زماني ۾ ٻئي مرزا دوست محمد دوست بہ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. ائين چئجي تہ مرزا ٻيل بيگ جو ننڍيو همعصر هو. سندس شاعريءَ جي اصلاح انهيءَ وقت جو بلند پايہ شاعر غلام محمد شاھ گدا ڪندو هو. هڪ هنڌ تي مرزا صاحب پنهنجي هڪ شعر ۾ هن طرح گدا جو ذڪر ڪيو آهي:

آءُ شاگردِ "گدا" شاهي سندس مضمون ٿيا،
شعر جي ميدان ۾، مون سان برابر ڏي ڪو لاھ. (5)

مرزا دوست محمد دوست فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ پڻ شاعري ڪئي آهي. هو سنڌيءَ ۾ مذهبي شاعري حمديہ ڪلام، مرثيہ ۽ سلام سٺا چوندو هو، پر ان کان بہ وڌيڪ غزل جو ماهر شاعر هيو.

ٽالپرن جي پڇاڙيءَ ۽ انگريزن جي اوائلي دؤر ۾ هن خاندان سان تعلق رکندڙ مرزا قربان علي بيگ قربان عروضي شاعري ڪئي. هن جو ڪلام مرثين، مناجاتن، مناقبن ۽ نعتن تي ٻڌل آهي. پر غزل جي صنف تي بہ ڀلي طبع آزمائي ڪيائين.

مرزا قربان علي جو همعصر مرزا مدد علي بيگ "مدد" غزل جو بهترين شاعر هو."هن کي سنڌي ۽ انگريزي جي تعليم ڏني وئي ۽ فارسي ۽ اردو ۾ بہ مهارت حاصل ڪئي." (9) هي شاعر کان علاوه ناول نگار پڻ هو.

مرزا گل حسن بيگ "احسن ڪربلائي" سنڌ جي نامياري شاعر مرزا دوست محمد "دوست"، جي گهر ۾ 1897ع ۾ جنم ورتو. احسن ڪربلائي جيترو پلو شاعر هو، اوتروئي پلو نثر نويس بہ هو. هن جو دور سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقي وارو دور هو. سنڌي علم ادب جا هن دور ۾ سنڌ ۾ ڪتاب شايع ٿيڻ شروع ٿيا. شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، ڪاڪو ڀيرومل، ڪلياڻ آڏواڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، محمد صديق ميمڻ، پير حسام الدين راشديءَ تائين سندس همعصر هئا. مرزا گل حسن بيگ شاعريءَ جي سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي. بيت، نعت، حمد، مرثيو، سلام، قصيدو، رباعي، غزل ۽ نظم لکيائين، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا.مرزا صاحب ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا.

ناماري مؤرخ پير حسام الدين راشديءَ سان بہ ميرن جي تاريخ جي حوالي سان ساڻس مددگار رهيو ۽ تحقيقي پورهيو ڪيائين، جنهن جو اعتراف پيرحسام الدين راشديءَ جي لکيل خطن مان ٿئي ٿو. مرزا صاحب فارسيءَ مان پڻ ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا. مولانا غلام رسول مهر جڏهن سنڌ جي اردوءَ ۾ تاريخ لکي رهيو هو انهيءَ بہ مرزا صاحب کان مدد ورتي.

مرزا گل حسن بيگ نئين زندگيءَ ۾ ميرن جي تاريخ ۽ سندن علمي حيثيت تي پندرهن مقالا لکيا جيڪي نهايت اهم آهن. مرزا صاحب وٽ ميرن جي دور جا فارسيءَ ۾ تاريخي نسخا سانڍيل هئا، جنهن جو قدر تاريخ جي ماهرن ڪي هو. مرزا صاحب سچل سرمست جي فارسي شاعريءَ تي پڻ تحقيق ڪئي. ان ڏس ۾ آغا تاج محمد خان ڪانئس مدد وٺندو هو. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به ٽالپرن جي علمي ڪارنامن بابت مرزا گل حسن گل سان ملاقاتون ڪندو هو ۽ ڪانئس مدد وٺندو هو.

"ميرزا صاحب 1953ع ۾ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ ۾ نوڪري ڪري آڪٽراءِ انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. تنهن ڪان پوءِ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائٽر جي حيثيت سان، پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن تائين ڪم ڪندو رهيو. ميرزا صاحب 28 اپريل 1962ع تي وفات ڪئي. (7)

## ممتاز مرزا جي ولادت ۽ تعليم:

سنڌ جو ناميارو عالم، اديب، ڊرامہ نگار، شاهہ جي ڪلام جو پارکو، نثر نويس ۽ ريڊيو، ٽي وي، علمي ادبي، ثقافتي محفلن جو مايہ ناز ميزبان ممتاز مرزا حيدرآباد جي قديم پاڙي ٽنڊي آغا ۾ 29هين نومبر 1940ع تي جنم ورتو. سندس والد مرزا گل حسن "احسن ڪربلائي" پنهنجي وقت جو باڪمال شاعر، اديب ۽ محقق هو.

ممتاز مرزا ابتدائي تعليم انگريزن جي دور جي درسگاهہ آسودي مل حڪومتراءِ اسڪول، جيڪو ورهاڱي کان پوءِ سيٺ حافظ پرائمري اسڪول ڦليلي ٻڌجي ويو، ۾ حاصل ڪرڻ بعد مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪئي. تڏهن مئٽرڪ ستين درجي تائين هوندي هئي. هن انٽرميڊيٽ سنڌ اورينٽل ڪاليج مان ڪئي. ان کان پوءِ عالم فاضل سنڌيءَ جي (اڄوڪي ايم اي جي برابر) سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊگري حاصل ڪئي.

## ممتاز مرزا جو ريڊيو سان واسطو:

"1955ع ۾ جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد قائم ٿيو، تڏهن ممتاز جو والد مرزا گل حسن "احسن ڪربلائي" اتي سنڌيءَ جو پهريون اسڪرپٽ رائٽر ٿيو ۽ ممتاز به هن سان گڏ ريڊيو پاڪستان ۾، جنهن جي آفيس ۽ اسٽوڊيو هوم سٽيڊ هال ۾ هوندا هئا، اچڻ وڃڻ لڳو." (08)

ممتاز مرزا ريڊيو پاڪستان تي پروگرامن ڪرڻ سان گڏوگڏ تعليم به جاري رکندو آيو هو.

"ممتاز مرزا جڏهن ريڊيو پاڪستان تي والد سان گڏ ويندو هو تڏهن سنڌ

يونيورسٽيءَ ۾ داخلا بہ ورتي هئائين. اهوئي زمانو هو جڏهن ڪيس ريڊيو تي پروگرام ڪرڻ جو شوق جاڳيو. هن ريڊيو پاڪستان تي پروگرامن جا مسودا لکڻ سان ڪم جي شروعات ڪئي. هن شروع شروع ۾ ننڍا ننڍا اسڪرپٽ تحرير ڪيا پر ان کان پوءِ ريڊيائي ناٽڪ لکڻ بہ لڳي ويو. جلد ئي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسڪول براڊ ڪاسٽنگ جو شعبو کليو ۽ ممتاز کي سنڌي سيڪشن جو انچارج مقرر ڪيو ويو." (09)

ممتاز مرزا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي موسيقيءَ جا پڻ پروگرام ڪيا، جنهن ۾ گلوڪارن جي ذاتي ۽ فني زندگيءَ تي پڻ حال احوال ٽيندو هو.

هي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اوج وارو زمانو هو. ممتاز مرزا "آدمي نامہ (جنهن ۾ سماج جي مختلف طبقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا انٽرويو نشر ڪيا ويندا هئا)، ساٿيهہ جا سينگار، موسيقي، ادب، لوڪ ادب، تاريخ بابت پروگرام ڪندو هو." (10)

ممتاز مرزا ريڊيو پاڪستان تي جڏهن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي تن ڏينهن ۾ مصطفيٰ قريشي، عبداللطيف ساقي، مشتاق مغل ۽ زرينہ بلوچ بہ سانڍس گڏ فني ڪيريئر شروع ڪيو هو. اهڙن عاليشان اداڪارن ممتاز مرزا جي ڊرامن آخري رات، پنرو بدام، واتون ۽ نيڻ، لاکو ڦلاڻي، پڙاڏو سو سڏ ۽ ماءُ ۽ محبت ۾ ڪم ڪيو. ممتاز مرزا جي ڊرامن جو موضوع لوڪ داستان ۽ سنڌ جي تاريخ رهيو. ريڊيو جي ڊرامن جي حوالي سان 1960ع واري ڏهاڪي ۾ حيدرآباد جي ڪمشنر پاران " جشن حيدرآباد" ملهايو ويو. جيڪو حيدرآباد جي تاريخي پڪي قلعي جي تعمير جي بہ سؤ سالن مڪمل ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ملهايو ويو. انهيءَ موقعي تي ريڊيو پاڪستان حيدر آباد پاران موئن جي دڙي کان وٺي پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين جي تاريخ جي مختلف دورن تي ڊراما ۽ فيچر پيش ڪيا ويا. انهيءَ موقعي تي ممتاز مرزا موئن جي دڙي تي ڊرامو "آخري رات" لکيو جنهن کي ڀرپور ڪاميابي حاصل ٿي. هن ڊرامي جي پروڊيوسر مراد علي مرزا ان حوالي سان لکيو آهي تہ: "اسين هر سال ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان جشن تمثيل ۽ جشن موسيقيءَ جا هفتا ملهائيندا هئاسين. هڪڙي جشن تمثيل (سال 1966ع) مون ممتاز مرزا کان موئن جي دڙي جي تباهي جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ ڊرامو لکرايو، جنهن جو عنوان "آخري رات" هو. هن اهو ڊرامو ڏاڍي محنت ۽ پيار سان لکيو ۽ مون بہ اهڙي ئي محنت ۽ پيار سان پروڊيوس ڪيو. سيد صالح محمد شاهہ، مهتاب چنہ (مهتاب اڪبر راشدي) ۽ مشتاق مغل ان ڊرامي ۾ خوبصورت صداڪاري ڪئي، جنهن ڪري ان ڊرامي جي ڪيترن ئي سالن تائين هاڪ هئي." (11)

ممتاز مرزا جو ڊرامو " آخري رات" ايتري ڪاميابي ماڻي چڪو هو جو جڏهن

عالمي ريڊيائي ڊرامن جو مقابلو ٿيو تڏهن ”آخري رات “ کي ڪولمبيا براڊ ڪاسٽنگ ايوارڊ ۾ ٻيو نمبر قرار ڏنو ويو. بعد ۾ ”آخري رات“ جي نالي سان 1979ع ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن تي ٻڌل ڪتاب شايع ٿيو, جيڪو سنڌ جي يونيورسٽين جي سنڌي شعبن جي ڪورس ۾ به شامل ڪيو ويو.

**ممتاز مرزا بحيثيت افسانہ نگار:**

افسانو سنڌي ادب جي جديد صنف طور مقبول رهيو آهي. ممتاز مرزا سنڌي افسانن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ لوڪ داستانن کي پنهنجو موضوع بڻايو. سندس افسانن ۾ ”پيار ۽ ڏڪار“ (هفتيوار انسان اخبار حيدرآباد), ”هار“ روزاني هلال پاڪستان اخبار جي ماهوار ايڊيشن واري افسانہ نمبر جي سلسلي ۾ 1957ع ۾ شايع ٿيو) جنهن کي انعام يافتہ قرار ڏنو ويو. ”هاءِ حياتي هي ٿوهر جو وڻ“ (ماهوار ايڊيشن روزاني هلال پاڪستان 1957ع), ”معما“ (ماهوار فلمي دنيا 1958ع), ”چوڙيون“ (روازاني هلال پاڪستان 1958ع), ”انڌير ننگري“ (ٽہ ماهي مهراڻ 1958ع, ايڊيٽر علامہ عمر محمد بن دائود پوٽو), ”اڄ پڻ اکڙين“ (ماهوار عبرت ايڊيشن 1960ع), ”پوڙهو“ (ماهوار ايڊيشن روزاني هلال پاڪستان 19589, ” سنڌ راڻي“ (ٽہ ماهي مهراڻ 1968), ”هو سوچيندو رهيو“ (ٽہ ماهي مهراڻ 1964), سميت چاليهہ عدد افسانا تحرير ڪيائين.

ممتاز مرزا جي افسانن جا ڪردار عام ماڻهو رهيا آهن, جڏهن تہ تاريخي پس منظر ۾ لکيل افسانن جا ڪردار وري پنهنجي الڳ نوعيت جا آهن. ممتاز مرزا جي افسانن جو اسلوب سلوڻو, رومانوي ۽ نج سنڌي آهي. هن جي لهجي ۾ لفظن جي جوڙجڪ نهايت جاندار آهي. هن جا افسانا مختصر رهيا آهن. جيڪي پڙهندڙ گهٽ وقت ۾ پورو ڪري وٺن ٿا ۽ طوالت جي بيزاري نہ ٿي ٿئي. عالمي سطح تي افساني جي وصف بہ اهائي نڪري ٿي تہ مختصر ۽ دلچسپ هجڻ گهرجي. آمريڪا جو چوٽيءَ جو افسانہ نگار ايڊگر ايلن پو چوي ٿو: ” افسانو نثر جي اها ڪهاڻي آهي, جيڪا پڙهندڙ هڪ ئي نشست ۾ (اڌ ڪلاڪ کان ٻن ڪلاڪن تائين) ختم ڪري سگهي. “(12)

ممتاز مرزا سنڌي ادب ۾ افساني جي ٽئين دور جو افسانہ نگار آهي جيڪو ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. سندس همعصرن ۾ مراد علي مرزا,حميد سنڌي, ع.ق. شيخ, جمال ابڙو, غلام رباني آگرو, اياز قادري, سراج, حفيظ شيخ, ابب حيات پنهور, ثميره زرين, علي بابا, آغا سليم ۽ امرجليل جهڙا ناميارا افسانہ نگار شامل آهن.

هي اهو زمانو هو جنهن ۾ اخبارون ۽ رسالا افساني جي صنف کي خاص جڳهہ ڏيندا هئا. نئين زندگي, مهراڻ, عبرت ۽ هلال پاڪستان سنڌي افساني کي مقبول بنائڻ ۾ خاص مقام رکن ٿا, جن جي اشاعتي سهڪار کان سواءِ سنڌي افساني جو

اڳتي وڌڻ ممڪن ڪونہ هيو.

**ممتاز مرزا جو لوڪ ادب ۾ تحقيقي ڪم:**

ممتاز مرزا لوڪ ادب جي حوالي سان سنڌي ادبي بورڊ جي ڪيترين ئي اسڪيمن ۾ تحقيقي پورهيو ڪيو. هن 1957ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي لغت "جامع سنڌي لغات" ۽ " لوڪ ادب" جي حوالي سان پروجيڪٽ ۾ سنڌ جي ماهر لسانيات، مؤرخ، شاهہ جي شارح، لوڪ ادب جي ماهر ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪيو. ممتاز مرزا لوڪ ادب جي اسڪيمن ۾ ڊاڪٽر بلوچ سان سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر وستيءَ واهڻ ۾ تحقيق لاءِ گڏوگڏ رهيو. هن ممتاز مرزا کي نهايت محنتي ڏٺو ۽ سندس قابليت کي استعمال ڪيائين. جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي هڪ يادگيريءَ طور هن ريت ڏئي ٿو: " ٻيو وڏو ڪم لوڪ ادب جي ڪتابن جي تاليف جو هو. ان ۾ ٻہ ڪم ڪرڻا هئا، هڪ تہ سنڌ جي هر پاڱي ۾ سگهڙن سان ڪچهريون ڪرڻ، سندن زباني لوڪ ادب جو سرمايو گڏ ڪرڻ ۽ پوءِ لوڪ ادب جي مواد کي ترتيب ڏيڻ ۽ مقدما لکي ڇپائيءَ لاءِ تيار ڪرڻ. ان ڪم ۾ ممتاز مرزا کي شامل ڪيم. سگهڙن سان رٽيل ڪن وڏين ڪچهرين ۾ ڪيس وٺي ويس ۽ ڪچهرين جي نوع نموني ۽ سگهڙن جي زباني ٻهراڙيءَ جي نج ٻولي ۽ ان جي لهجي کان واقف ٿيو. هڪ وڏي ڪچهري جنهن ۾ استاد محمد اسماعيل شيخ ۽ ممتاز ٻئي مون سان گڏجي هليا سا صادق آباد تعلقي جي سنجرپور لڳ محمد آباد ۾ مبارڪ شاهہ جيلانيءَ جي دعوت ۾ ٿي، جنهن ۾ منهنجي خواهش مطابق رحيم يار خان ضلعي جا چونڊ سنڌي سگهڙ آندا ويا. ممتاز کي گڏ ويهاري ڪچهري هلايم ۽ ڪي ڳالهيون ڪيس چيم تہ پڇي ۽ لکي." (13)

ممتاز مرزا جو لوڪ ادب اسڪيم جي نثر توڙي نظم واري پاڱي ۾ ڪيل تحقيقي پورهيو مسودا لکڻ، پروف پڙهڻ، سگهڙن ۽ راوين کان انٽرويو ڪري لکڻ، حوالن جا ڪارڊ لکڻ ۽ ڇپائيءَ جي ڪمن تائين تحقيقي ۽ دفتري ڪم ڪيا. هو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ٽيم جو ڪارڪن هو. ڊاڪٽر صاحب جي هدايت تي لوڪ ادب اسڪيم جو انچارج شيخ محمد اسماعيل سندس ڪم کي اڳتي وڌائيندو هو. سنڌي ادبي بورڊ پاران لوڪ ادب جي حوالي سان چاليهن کان مٿي ڪتاب آيا جنهن ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ست جلد)، سنڌ جا عشقيہ داستان (ٻہ جلد)، مشهور سنڌي قصا (ڇهہ جلد)، ڪافيون (ٻہ جلد)، دودو چنيسر (ٻہ جلد)، نڙ جا بيت، ڏور، ڳيچ، لوڪ گيت، بيت، ڳجهارتون (ٻہ جلد)، جنگناما، واقعاتي بيت، سنڌي سينگار شاعري، ٽيهہ اکريون (ٻہ جلد)، مولود ، مداحون ۽ مناجاتون، مناقبا، معجزا، پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻيا جهڙا ناياب ڪتاب شامل آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هر

واليوم ۾ ممتاز مرزا کي مددگار طور مهاڳ ۾ ڄاڻايو آهي. جيڪو لوڪ ادب جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاران اعتراف آهي.

ممتاز مرزا جيستائين پي ٽي وي جو اسڪرپٽ ايڊيٽر هو، تيستائين لوڪ ادب جي حوالي سان سيد صالح محمد شاهه جي پروگرام "اوطاق" جي پذيرائي ڪيائين. ڪيترائي سگهڙ ساٽس ڪمري ۾ اچي ڪچهري به ڪندا هئا. وري جڏهن سنڌ جي ثقافت جو ڊائريڪٽر جنرل بڻيو تڏهن به لوڪ ادب کي هٿي وٺرايائين. ڀٽ شاهه تي لطيف سائين جي عرس جي موقعي تي سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ ڪيترن ورهين تائين شريڪ ٿيندو رهيو. هڪڙي انٽرويو ۾ ممتاز مرزا لوڪ ادب جي اهميت ڳڻائڻ تي ذڪ جو اظهار ڪندي چيو: "اسان جو سڄو لوڪ ادب جيڪو سنڌي ادبي بورڊ، ڪتابن ۾ ڇپايو آهي، سو سڄو سنڌي اوطاق جي پيداوار آهي. اهي سگهڙ، اهي فقير، اهي وڄتا، اهي سڀيئي ان اوطاقي ڪلچر مان آيا آهن. اهو ڪلچر هن زماني ۾ پنتي پوندو پيو وڃي. ضروري آهي ته ان تي توجه ڏجي ۽ ان کي محفوظ رکجي." (14)

**ممتاز مرزا بطور محقق : (لطيفيات)**

سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ رهنمائي، علم، تاريخ، ثقافت ۽ ٻوليءَ جو اهو سرمايو آهي، جيڪو تا قيامت لاءِ ڏيندو رهندو. شاهه جو رسالو ڪيترن ئي محققن سهيڙي ترتيب ڏنو، ان جي ڇنڊڇاڻ ڪري شاهه صاحب جي ڪلام کي پنهنجي پنهنجي رخ سان بيان ڪيو آهي. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ کان وٺي ٻانهي خان شيخ تائين لطيف سائينءَ جي ڪلام جا ڪيترائي رسالا منظر عام تي اچي چڪا آهن. اهي سمورا نسخا گنج شريف مان ڳولها ڦولها ڪري ۽ شاهه صاحب جي فقيرن جي مدد سان عالمن اصل شاهه لطيف جو ڪلام قلمبند ڪيو آهي. هاڻي انهن رسالن مان به ڪيترن ئي عالمن تي تنقيدي نظر کان پوءِ جيڪا ٿوري گهڻي ڏارئي ڪلام جي گنجائش هئي سا تحقيق ڪري ختم ڪئي وئي آهي.

سنڌ جي ناميارې عالم ۽ محقق ممتاز مرزا انهيءَ حوالي سان نهايت اهم ڪارنامو سرانجام ڏيندي شاهه لطيف جي گنج شريف کي جديد صورتخطيءَ جي صورت ۾ آندو. شاهه صاحب پنهنجو سمورو ڪلام ڀٽ شاهه تي واقع ڪراڙ ڍنڍ ۾ اچلائي ڇڏيو هو، پر جيئن ته هن عظيم صوفي بزرگ جو ڪلام لافاني آهي، تنهنڪري سندس فقيرن ۽ راڳاين کي دل و دماغ ۾ محفوظ هو. گنج شريف ۾ آيل ڪلام شاهه لطيف جي فقيرن جو گڏ ڪيل ڪلام آهي جنهن ۾ شاهه صاحب جي ڪلام کان علاوه ڏاريو ڪلام به شامل آهي. ان جو سبب اهو آهي ته شاهه صاحب کي جيڪو پنهنجي زماني جي مقبول شاعرن جو ڪلام ياد هو سو پاڻ فقيرن کي ٻڌائيندا